سنڌي ترجمو

رَحْمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیْہ

# امام احمد رضا جو تذڪرو




- تنڊيڻ جي هڪ حڪايت 4
- حافظي جي حيرت انگيز قوت 7
- فقط هڪ مهيني ۾ قرآن شريف جو حفظ 8
- بيداري ۾ ديدارِ مصطفيٰ صلَّی اللہ تعالٰی علیہ واٰلہٖ وسلَّم 11
- ميلاد دوران ويهڻ جو انداز 15
- سمهڻ جو منفرد انداز 15
- ريل بيٺل رهي! 16
- دربارِ رسالت ۾ انتظار 22



شيخِ طريقت، اميرِ اهلسنت، باني دعوتِ اسلامي حضرت علامه مولانا ابو بلال

مُحَمَّد الياس عطّارؔ قادري رضوي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه


مدني ڏسندا رهو


مڪتبة المدينه (دعوتِ اسلامي)

# امام احمد رضا جو تذڪرو

شيخ طريقت، امير اهسلنت، بانيءِ دعوت اسلامي، حضرت علامہ

دامت برڪاتهم العَاليه

**مولانا ابو بلال محمد الياس عطار قادري رضوي**

## سنڌي ترجمو پيشڪش

**مجلسِ تراجم** هن رسالي جو آسان سنڌي زبان ۾ ترجمو ڪرڻ جي وس آهر ڪوشش ڪئي آهي. جيڪڏهن ترجمي يا ڪمپوزنگ ۾ ڪٿي ڪا ڪمي بيشي نظر اچي ته **مجلس تراجم** کي آگاهه ڪري ثواب جا حقدار بڻجندا ـ

**رابطي جي لاءِ:** مڪتب مجلس تراجم (دعوت اسلامي)
عالمي مدني مرڪز فيضان مدينہ محلہ سوداگران
پراڻي سبزي منڊي باب المدينہ ڪراچي
فون نمبر: 021-34921389-90-91

*E-mail: majlistarajim@dawateislami.net*

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

# امام احمد رضا جو تذڪرو

شيطان لکي سستي ڏياري پر هي رسالو ثواب جي نيّت سان پڙهي ڪري پنهنجي دنيا ۽ آخرت جي بهتري ڪيو.

## دُرود شريف جي فضيلت

رحمتِ عالم، نورِ مُجَسَّم، شاهِ بني آدم، شفيعِ اُمَم، رسولِ اَڪرم صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمان شفاعت نشان آهي: جيڪو مون تي درود شريف پڙهندو مان ان جي شفاعت فرمائيندس.

(القول البديع ص 261 مؤسسة الريان بيروت)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ولادتِ باسعادت

منهنجا آقاءِ نعمت، امام اهلسنّت، وليءِ نعمت، عظيمُ البرڪت، عظيمُ المَرتَبت، پروانهءِ شمع رِسالت، مُجَدد دين و ملت، حاميءِ سنّت، ماحيءِ بِدعت، عالِمِ شريعت، پيرِ طريقت، باعثِ خير و برڪت، حضرت علامه مولانا، الحاج، الحافظ، القاري، الشّاه امام احمد رضا خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّحْمٰن جي ولادت باسعادت بريلي شريف جي پاڙي جَسولي ۾ 10 شَوَّالُ المُڪَرَّم 1272هه، چنڇر جي ڏينهن ظهر جي وقت بمطابق 14 جون 1856ع تي ٿي. پيدائش جي سال جي اعتبار کان سندن تاريخي نالو اَلمُختار (1272هه) آهي.

(حيات اعلي حضرت ج 1 ص 85 مڪتبة المدينہ باب المدينہ ڪراچي)

فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ تعالیٰ علیہ والہٖ وسلم : جنهن مون تي هڪ ڀيرو درود پاڪ پڙهيو الله تعاليٰ ان تي ڏهه رحمتون موڪليندو آهي .

# اعليٰ حضرت جي ولادت جو سال

منهنجا آقا اعليٰ حضرت رَحمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیہ پنهنجي ولادت جو سال سيپاري 28 سُورَةُ المُجَادَلَه جي آيت نمبر 22 مان ڪڍيو آهي، هن آيت شريف جا عِلمِ اَبجَد جي اعتبار سان عدد 1272 آهن ۽ هجري سال جي حساب سان اهو ئي سندن جي ولادت جو سال آهي، جيئن تہ مڪتبة المدينه جي شايع ٿيل ملفوظات اعليٰ حضرت صفحي 410 تي آهي: ولادت جي تاريخن جو ذڪر هو تہ (سيدي اعليٰ حضرت رَحمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیہ) ارشاد فرمايو: بِحمدِاللهِ تَعاليٰ منهنجي ولادت جي تاريخ هن آيت سڳوري ۾ آهي:

اُولٰٓىٕكَ كَتَبَ فِیْ قُلُوْبِهِمُ الْاِیْمَانَ وَ اَیَّدَهُمْ بِرُوْحٍ مِّنْهُ ؕ (پ 28 المجادله:22)

**ترجموڪنزالايمان:** اهي آهن جن جي دلين ۾ الله ايمان کي نقش فرمائي ڇڏيو ۽ پنهنجي طرف کان روح سان انهن جي مدد فرمائي .

سندن جو نالو مبارڪ ”محمد“ آهي ۽ سندن جا ڏاڏا احمد رضا چئي ڪري سڏيندا هئا، پوءِ ان ئي نالي سان مشهور ٿيا.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

# حيرت انگيز ننڍپڻ

عام طور تي هر زماني جي ٻارن جو هي حال هوندو آهي جيڪو اڄڪلهه جي ٻارن جو آهي، تہ ستن اَٺن سالن تائين انهن کي ڪنهن ڳالهه جو هوش ناهي هوندو ۽ نہ ئي اهو ڪنهن ڳالهه جي حقيقت تائين پهچي سگهندا آهن، پر اعليٰ حضرت رَحمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیہ جو ننڍپڻ وڏي اهميت جوڳو آهي، ننڍپڻ ۽ ننڍي عمر

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہ تعالیٰ علیہ واٰلہٖ وسلم : جنهن مون تي ڏھ ڀيرو درود پاڪ پڙهيو الله تعاليٰ ان تي سؤ رحمتون موڪليندو آهي .

۾ هوش منڊي ۽ حافظي جو هي عالم هو جو ساڍن چئن سالن جي ننڍي عمر ۾ قرآن شريف ناظره مڪمل پڙهڻ جي نعمت حاصل ڪئي، ڇهن سالن جي عمر جا هئا ته ربيعُ الاَوَّل جي مبارڪ مهيني ۾ منبر تي جلوه افروز ٿي ڪري مِيلادُ النَّبي صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي موضوع تي هڪ وڏي اجتماع ۾ نهايت عُمده تقرير ڪري عُلماء ڪِرام ۽ مشائخ عِظام کان تحسين ۽ آفرين جي داد وصول ڪئي، انهيءَ عمر ۾ پاڻ بغداد شريف جي باري ۾ سَمت معلوم ڪئي ۽ پوءِ سڄي عمر تائين غوث اعظم عَلَیْہِ رَحْمَۃُ اللّٰہِ الاَکْرَم جي مبارڪ شهر ڏانهن پير ڊگها نه ڪيا، نماز سان ته سندن کي وڏو عشق ۽ پيار هيو، پنج ئي نمازون باجماعت تڪبير اوليٰ جو تحفظ ڪندي مسجد ۾ وڃي ادا ڪندا هئا، جيڪڏهن ڪا عورت سامهون ايندي هئي ته هڪدم نظرون هيٺ ڪري مٿو جهڪائيندا هئا، غرض ته سُنتِ مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو سندن تي غلبو هو جنهن جو اظهار ڪندي حضورِ اڪرم صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي خدمت عاليه ۾ ائين سلام پيش ڪن ٿا:

نیچی آنکھوں کی شرم و حیا پر درود
اونچی بینی کی رفعت پہ لاکھوں سلام

اعليٰ حضرت رَحْمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیْہ ننڍپڻ ۾ ئي ايتري قدر تقويٰ کي اپنايو هو جو هلڻ وقت قدمن جي آهٽ تائين ٻڌڻ ۾ نه ايندي هئي، ستن سالن جي عمر جا هئا ته رمضان المبارڪ ۾

فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ تعالیٰ علیہ والہٖ وسلم: جنهن مون تي ڏينهن ۾ پنجاهه ڀيرا درود پاڪ پڙهيو قيامت جي ڏِينهن مان ان سان مصافحو ڪندس .

روزا رکڻ شروع ڪيا. (ديباچه فتاويٰ رضويه ج 30 ص 16)

## ننڍپڻ جي هڪ حڪايت

جناب سيِّد ايّوب علي صاحب رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه فرمائن ٿا ته ننڍپڻ ۾ اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه ڪي گهر ۾ هڪ مولوي صاحب قرآن شريف پڙهائڻ ايندا هئا. هڪ ڏينهن جي ڳالهه آهي ته مولوي صاحب ڪنهن آيت سڳوريءَ ۾ هر هر هڪ لفظ ڪين ٻُڌائن پيا پر سندن زبان مان نه پيو نڪري، اهي ”زبر“ ٻُڌائن پيا، پاڻ ”زير“ پڙهن پيا، اها ڪيفيت جڏهن سندن جي ڏاڏي حضرت مولانا رضا علي خان صاحب رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه ڏٺي ته سائين (يعني اعليٰ حضرت) جن کي پاڻ وٽ گهرايائون ۽ قرآن پاڪ گهرائي ڏٺائون ته ان ۾ ڪاتب غلطيءَ سان زير جي جڳهه تي زبر لکي ڇڏي هئي يعني جيڪو اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جي زبان مان نڪري پيو اهو صحيح هيو، سندن ڏاڏي پُڇيو پٽ جيئن مولوي صاحب پڙهائن پيا توهان تِيئن ڇو نه پيا پڙهو؟ عرض ڪيائون: آءُ ارادو ته ڪريان پيو، پر زبان تي نه پيو اچي (يعني زبان تان اهو لفظ نه پيو نڪري).

اعلي حضرت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه پاڻ فرمائن ٿا ته منهنجا استاد جنهن وٽ مان شروعاتي ڪتاب پڙهندو هئس جڏهن مون کي سبق پڙهائيندا هئا هڪ ٻه ڀيرو ڏسي ڪري ڪتاب بند ڪري ڇڏيندو هئس، جڏهن سبق ٻڌندا هئا ته حرف به حرف لفظ به لفظ ٻڌائي ڇڏيندو هئس، روزانو اها حالت ڏسي ڪري سخت تعجُّب

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہ تعالیٰ علیہ وآلہٖ وسلَّم: جيڪو مون تي هڪ ڀيرو درود پڙهندو آهي الله تعالي ان جي لاءِ هڪ قيراط اجر لکندو آهي ۽ هڪ قيراط احد پهاڙ جيڏو آهي .

ٿيندو هو، هڪ ڀيري مون کي فرمائڻ لڳا تہ احمد ميان! اهو تہ ٻڌايو تہ توهان انسان آهيو يا جِنّ؟ جو مون کي پڙهائيندي دير لڳندي آهي پر توهان کي ياد ڪرڻ ۾ دير ناهي لڳندي! پاڻ رَحْمَةُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیْہ فرمايائون تہ الله جو شڪر آهي مان انسان ئي آهيان، ها الله عَزَّوَجَلَّ جو فضل ۽ ڪرم شاملِ حال آهي. الله عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب بخشش ٿئي.

اٰمِين بِجَاہِ النَّبِیِّ الْاَمِین صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## پهرين فتويٰ

منهنجا آقا اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیْہ صرف تيرهن سال ڏهہ مهينا ۽ چئن ڏينهن جي عمر ۾ تمام مُرَوَّجَہ عُلُوم (يعني جيڪي ان وقت پڙهايا ويندا هئا) جي تڪميل پنهنجي والد سڳوري رئيسُ المُتَڪَلِّمِين حضرت مولانا نقي علي خان عَلَیْہِ رَحْمَةُ الرَّحْمٰن کان ڪري سَنَدِ فراغت حاصل ڪري ورتي. انهيءَ ئي ڏينهن پاڻ هڪ سوال جي جواب ۾ پهرين فتويٰ لکي هئي. فتويٰ کي صحيح ڏسي سندن والد سڳوري مَسندِ اِفتاء کين سونپي ڇڏي ۽ پاڻ آخري وقت تائين فتوائون لکندا رهيا. (ايضاً ص 279) الله عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب بخشش ٿئي.

اٰمِين بِجَاہِ النَّبِیِّ الْاَمِین صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہ تعالٰی علیہ واٰلہٖ وسلَّم: جنهن مون تي ڏهه ڀيرا صبح ۽ ڏهه ڀيرا شام درود پاڪ پڙهيو ته ان کي قيامت جي ڏينهن منهنجي شفاعت ملندي.

# اعليٰ حضرت جي رياضي ۾ مهارت

الله تعاليٰ اعليٰ حضرت رَحۡمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیۡہ کي بي انداز عُلُومِ جَلِيله سان نوازيو هو. پاڻ رَحۡمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیۡہ پنجاهه علوم ۾ قلم کنيو ۽ قابل قدر ڪتاب تحرير فرمايا. پاڻ رَحۡمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیۡہ کي هر فن ۾ ڪافي قابليت حاصل هئي، عِلمِ تَوقِيت ۾ ته ايتريقدر ڪمال حاصل هيو جو ڏينهن ۾ سج ۽ رات جو ستارا ڏسي گهڙي ملائيندا هئا ته وقت بلڪل صحيح هوندو هو ۽ ڪڏهن هڪ منٽ جو به فرق نه ٿيو. رياضيءَ جي علم ۾ پنهنجو مَٽُ پاڻ هئا. عليڳڙهه يونيورسٽيءَ جا وائيس چانسلر ڊاڪٽر ضياءُ الدين جنهن رياضيءَ ۾ غير ملڪي ڊگريون ۽ تمغا حاصل ڪيا هئا، اعليٰ حضرت رَحۡمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیۡہ جي خدمت ۾ رياضي جو هڪ مسئلو پُڇڻ آيا، ارشاد فرمايائون: ”فرمايو، انهن چيو: هي مسئلو اهڙو ناهي جنهن کي ايترو آسانيءَ سان عرض ڪيان، اعليٰ حضرت رَحۡمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیۡہ جن فرمايو: ”ڪجهه ته ٻڌايو“ وائيس چانسلر صاحب سوال پيش ڪيو ته اعليٰ حضرت رَحۡمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیۡہ جن انهيءَ وقت ان جو مطمئن ڪندڙ جواب ڏنو، انهن کي ڏاڍي حيرت ٿي، تمام گهڻي تعجب مان چوڻ لڳا ته مان ان مسئلي جي لاءِ جرمني وڃڻ چاهيو پئي ته اتفاق سان اسان جي دينيات جي پروفيسر مولانا سيّد سُلَيمان اشرف صاحب منهنجي رهنمائي فرمائي ۽ مان هتي حاضر ٿيس، ائين ٿو معلوم ٿئي ته توهان انهيءَ مسئلي کي

فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ تعالیٰ علیہ والہٖ وسلم: جيڪو مون تي هڪ ڀيرو درود پڙهندو آهي الله تعاليٰ ان جي لاءِ هڪ قيراط اجر لکندو آهي ۽ هڪ قيراط احد پهاڙ جيڏو آهي .

ڪتاب ۾ ڏسي رهيا هئا. ڊاڪٽر صاحب تمام گهڻو خوش ٿي واپس موٽيا، ۽ پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جي شخصيت کان ايتري قدر مُتَاثِر ٿيا جو ڏاڙهي به رکيائون ۽ نماز ۽ روزي جا به پابند بڻجي ويا. (ايضاً ص 223، 229) **الله** عَزَّوَجَلّ **جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب بخشش ٿئي.** اٰمِين بِجَاہِ النَّبِیِّ الْاَمِین صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

ان کان علاوه منهنجي آقا اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه علمِ تَڪسِير، عِلمِ هيئَت ۽ علمِ جَفَر وغيره ۾ به ڪافي مَهارت رکندا هئا.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## حافظي جي حيرت انگيز قوت

حضرت ابوحامد سيِّد محمد محدِّث ڪڇوڇوي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْقَوِي فرمائن ٿا ته جڏهن دَارُالاِفتاء ۾ ڪم ڪرڻ جي سلسلي ۾ منهنجو بريلي شريف ۾ قيام هو ته رات ڏينهن اهڙا واقعا سامهون ايندا هئا جو اعليٰ حضرت جي حاضر جوابي سان ماڻهو حيران ٿي ويندا هئا، انهن حاضر جوابين ۾ حيرت ۾ وجهڻ وارا واقعا اهي علمي حاضر جوابي هئي جنهن جو مثال گهٽ ٻڌڻ ۾ ايندو آهي، مثلاً اِسۡتِفتاء (يعني سوال) آيو، دارُالاِفتاء ۾ ڪم ڪرڻ وارن پڙهيو ۽ ائين معلوم ٿيو ته نئين قسم جو معاملو پيش ٿيو آهي ۽ جواب جزئي جي صورت ۾ نه ملي سگهندو علماءِ ڪرام جي اصولن مان اِسۡتِنباط ڪرڻو پوندو (يعني فُقهاءِ ڪِرام جي ٻڌايل اصولن مطابق مسئلو ڪڍڻو پوندو) اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جي

فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ تعالیٰ علیہ والہٖ وسلم: جڏهن توهان مرسلين (عليهم السلام) تي درود شريف پڙهو ته مون تي به پڙهو بيشڪ آءُ سڀني جهانن جي ربّ جو رسول آهيان.

خدمت ۾ حاضر ٿيا، عرض ڪيو: عجيب نئين نئين قسمن جا سوال اچي رهيا آهن! هاڻي اسان ڪهڙو طريقو اختيار ڪيون؟ فرمايائون: هي تمام پراڻو سوال آهي، اِبن هُمام ”فَتحُ القَدير“ جي فلاڻ صفحي ۾ اِبن عابدين ”رَدُّالمُحتار“ جي فلاڻي جلد ۽ فلاڻ صفحي تي (لکيو آهي) ”فتاويٰ هِنديه“ ۾، ”خَيريه“ ۾ هي هي عبارت صاف صاف موجود آهي هاڻي جيئن ڪتاب کوليا ويندا هئا صفحي، سٽ ۽ بڌايل عبارت ۾ هڪ نقطي جو فرق ناهي، ان خداد فضل ۽ ڪمال علمائن کي هميشه حيرت ۾ رکيو. (حيات اعليٰ حضرت ج 1 ص 210) الله عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب بخشش ٿئي. اٰمِين بِجَاهِ النّبِيِّ الاَمِين صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

کس طرح اِتنے علم کے دریا بہادیئے
عُلَمائے حق کی عقل تو حیراں ہے آج بھی

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّی اللهُ تَعالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## فقط هڪ مهيني ۾ قرآن شريف جو حِفظ

حضرت جناب سيّد ايّوب علي صاحب رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جو بيان آهي ته هڪ ڏينهن اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جن ارشاد فرمايو ته ”ڪجهه اڻ ڄاڻ ماڻهو منهنجي نالي اڳيان حافظ لکي ڇڏيندا آهن جڏهن ته آءُ ان لقب جو اهل ناهيان.“ سيد ايوب علي صاحب رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه فرمائن ٿا ته اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه انهيءَ ڏينهن کان (قرآن پاڪ جو) دؤر شروع ڪري ڇڏيو، جنهن جو وقت غالباً

فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ تعالیٰ علیہ والہٖ وسلم : توهان جتي بہ هجو مون تي درود پڙهو توهان جو درود مون وٽ پهچندو آهي .

سومهڻي جو وضو ڪرڻ ڪان پوءِ جماعت قائم ٿيڻ تائين مخصوص هو. روزانو هڪ سيپارو ياد فرمائيندا هئا، ايتري تائين جو 30 ڏينهن ۾ 30 سيپارا ياد فرمائي ڇڏيا.

هڪ موقعي تي فرمايائون تہ مون قرآن شريف ترتيب سان پنهنجي ڪوشش سان ياد ڪري ورتو آهي هي ان لاءِ تہ انهن خدا جي ٻانهن جو (جيڪي منهنجي نالي آڏو حافظ لکي ڇڏيندا آهن) چوڻ غلط ثابت نہ ٿئي. (ايضاً ص 208) **الله** عَزَّوَجَلَّ **جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب بخشش ٿئي.** اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## عشقِ رسول صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

**منهنجا آقا اعليٰ حضرت** رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه **عشقِ مصطفيٰ** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جا ڪامل نمونا هئا، سندن نعتيہ ڪلام ”حدائقِ بخشش شريف“ ان ڳالهہ جو گواهہ آهي. پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جي قلم جي قط بلڪ دل جي گهرائيءِ مان نڪتل هر مِصرعو سندن سروَرِ عالم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان تمام گهڻي عقيدت ۽ محبت جي گواهي ڏئي ٿو، پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه ڪڏهن بہ ڪنهن دنياوي تاجدار جي خوشامد جي لاءِ قصيدو نہ لکيائون، ان لاءِ جو پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه حضور تاجدارِ رسالت صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي فرمانبرداري ۽ غلامي دل ۽ جان سان قبولي ورتي هئائون، ان جو اظهار پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه هڪ شعر ۾ هيئن فرمايو:

فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ تعالٰی علیہ والہٖ وسلم : مون تي درود شريف جي ڪثرت ڪريو بيشڪ هي توهان جي لاءِ طهارت (يعني پاڪائي) آهي.

اِنہیں جانا اِنہیں مانا نہ رکھا غیر سے کام
لِلّٰہِ الْحَمْد میں دُنیا سے مسلمان گیا

## حڪمرانن جي خوشامد ڪان پرهيز

هڪ ڀيري نانپاره رياست (ضلعو بهرائچ يوپي هندستان) جي نواب جي مدح (يعني تعريف) ۾ شاعرن قصيدا لکيا ڪجهه ماڻهن اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه کي به گذارش ڪئي ته سائين! توهان به نواب صاحب جي مدح ۾ ڪو قصيدو لکو. پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه ان جي جواب ۾ هڪ نعت شريف لکي جنهن جو مَطْلَع[1] هي آهي

وہ کمالِ حُسنِ حضور ہے کہ گُمانِ نَقص جہاں نہیں
یہی پھول خار سے دُور ہے یہی شَمع ہے کہ دُھواں نہیں

**مشڪل لفظن جي معنيٰ:** ڪمال=پورو ٺيڪ، نقص= خامي، خار= ڪنڊا.

**شرح ڪلام رضا:** منهنجا آقا محبوب ربِّ ذوالجلال صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو حسن ۽ جمال ڪمال درجي جو آهي، يعني هر طرح سان ڪامل ۽ مڪمل آهي ۽ هن ۾ ڪا خامي هجڻ ته پري جي ڳالهه خامي جو تصور به نٿو ڪري سگهجي، هر گل جي ٽاري ۾ ڪنڊا هوندا آهن پر آمنہ جي گلشن جو هي مهڪندڙ گل صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اهڙو آهي جيڪو ڪنڊن ڪان پاڪ آهي، هر شمع ۾ هي عيب هوندو آهي ته ان مان دونهون نڪرندو آهي پر پاڻ

(1) غزل يا قصيدي جي شروع جو شعر جنهن جي ٻنهي مصرعن ۾ قافيا هجن ان کي مطلع چئبو آهي.

فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ تعالیٰ علیہ والہٖ وسلم : جنهن ڪتاب ۾ مون تي درود شريف لکيو تہ جيستائين منهنجو نالو اُن ڪتاب ۾ لکيل رهندو فرشتا اُن جي لاءِ استغفار ڪندا رهندا.

ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم بزمِ رسالت جي اهڙي روشن شمع آهن جو دونهين يعني هر طرح جي عيب کان پاڪ آهن ۽ مَقْطَع [1] ۾ نانپاره جي لفظن جي ترتيب ڪيتري تہ لطيف انداز ۾ ادا ڪئي آهي.

کروں مدحِ اَہلِ دُوَل رضاؔ پڑے اِس بَلا میں مری بلا
میں گدا ہوں اپنے کریم کا مرا دین "پارۂ ناں" نہیں

مشڪل لفظن جي معنيٰ: مدح=تعريف، دول=دولت جي جمع، پاره نان=ماني جو ٽڪر .

شرح ڪلامِ رضا: مان دولتمندن جي تعريف ڇو ڪيان! مان تہ پنهنجي آقا ڪريم، رؤف رحيم عَلَيْهِ اَفْضَلُ الصَّلٰوةِ وَ التَّسْلِيم جي در جو فقير آهيان، منهنجو دين "پارهءِ نان" يعني مانيءَ جو ٽڪر ناهي، "نان" جي معني ماني ۽ "پاره" يعني ٽڪر، مطلب هي تہ منهنجو دين ماني جو ٽڪر ناهي جو جنهن لاءِ مالدارن جي خوشامدي ڪندو وتان.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## بيداري ۾ ديدار مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

جڏهن منهنجا آقا اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه ٻيو ڀيرو حج لاءِ تشريف وٺي ويا ۽ مديني منور زَادَهَا اللهُ شَرَفاً وَّتَعْظِيْماً ۾ سهڻي آقا مديني واري مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي زيارت جي آرزو

(1) غزل يا قصيدي جو آخري شعر جنهن ۾ شاعر جو تخلص هجي ان کي مَقطع چئبو آهي .

فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ تعالیٰ علیہ والہٖ وسلم : مون تي ڪثرت سان درود شريف پڙهوبيشڪ توهان جو مون تي درودشريف پڙهڻ توهان جي گناهن جي لاءِ مغفرت آهي.

ڪٿي روضي مبارڪ جي سامهون دير تائين صلوٰة و سلام پڙهندا رهيا، پر پهرين رات قسمت ۾ اها سعادت نہ هئي، انهيءَ موقعي تي اهو مشهور نعتيہ غزل لکيو جنهن جي مَطلَع ۾ دامِن رحمت سان وابستگي جي اميد ڏيکاري آهي.

وہ سُوئے لالہ زار پھرتے ہیں
تیرے دن اے بہار پھرتے ہیں

شرح ڪلامِ رضا: اي بهار خوش ٿي وڃ! جو تو تي بهارن جي بهار اچڻ واري آهي، هو ڏس! مديني جا تاجدار صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سوءِ لالہ زار يعني باغ ڏانهن تشريف وٺي اچي رهيا آهن.

مَقطع ۾ بارگاهِ رسالت ۾ پنهنجي عاجزي ۽ مسڪيني جو نقشو ائين چٽيو آهي.

کوئی کیوں پوچھے تیری بات رضاؔ
تجھ سے شَیدا ہزار پھرتے ہیں

(اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه بئي مصرعي ۾ عاجزي جي طور تي پنهنجي لاءِ ”ڪتي“ جو لفظ استعمال فرمايو آهي پر سگِ مدينه عُفِيَ عنه ادباً ”شيدا“ لکي ڇڏيو آهي)

شرح ڪلامِ رضا: هن مَقطع ۾ عاشق ماهِ رسالت، سرڪار اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه وڏي عاجزي جو اظهار ڪندي پنهنجو پاڻ کي مخاطب ڪري فرمائن ٿا: اي احمد رضا تون ۽ تنهنجي حقيقت ڇا آهي! تو جهڙا تہ هزارين سگانِ مدينہ گهٽين ۾ ائين ئي گهمي رهيا آهن!

فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ تعالیٰ علیہ والہٖ وسلم : جيڪو مون تي جمعي جي ڏينهن درود شريف پڙهندو آءُ قيامت جي ڏينهن ان جي شفاعت ڪندس.

اهو غزل عرض ڪري انتظار ۾ ادب سان وينا هئا ته قسمت جاڳي پئي ۽ اکين سان بيداري ۾ پياري مصطفيٰ ڪريم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي ديدار جو شرف حاصل ڪيائون. (ايضاً ص 92)

**اللّٰه** عَزَّوَجَلَّ **جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب بخشش ٿئي.** اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِين صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

سُبحٰن الله! قربان ٿِجي انهن اکين تان جن بيداري جي عالم ۾ جنابِ رسالت مآب صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو ديدار ڪيو، ڇو نه ٿئي جو سندن جي مَن ۾ عشقِ رسول صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پريل هو ۽ پاڻ رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْه "فَنَا فِي الرَّسُوْلِ" جي اعليٰ مَنصَب تي فائز هئا، سندن نعتيه ڪلام ان ڳالهه جو گواهه آهي.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## سيرت جون جهلڪيون

منهنجا آقا اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائيندا هئا، جيڪڏهن ڪو منهنجي دل جا ٻه ٽڪر ڪري ته هڪ تي لَآاِلٰهَ اِلَّا الله ۽ ٻئي ته مُحَمَّدٌ رَّسُوْلُ الله (صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) لکيل ڏسندو.

(سوانح امام احمد رضا ص 96 مڪتبة نوريه رضويه سکر)

تاجدارِ اهلسنّت، شهزادهءِ اعليٰ حضرت مفتيءِ اعظم هند مولانا مصطفيٰ رضا خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّحْمٰن "سامانِ بخشش" ۾ فرمائن ٿا:

خدا ایک پر ہو تو اِک پر محمد
اگر قلب اپنا دو پارہ کروں میں

فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ تعالیٰ علیہ والہٖ وسلم : جنهن مون تي جمعي جي ڏينهن ٻه سؤ ڀيرا درود پاڪ پڙهيو ان جا ٻه سؤ سالن جا گناهه معاف ڪيا ويندا.

زماني جي مشائخن جي نظرن ۾ پاڻ واقعي ”فَنَا فِي الرَّسُوۡلِ“ هئا. اڪثر فراقِ مصطفيٰ صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ۾ غمگين رهندا هئا ۽ ٿڌا ساهه ڀريندا هئا. پيشي ور گستاخن جي گستاخانہ عبارتن کي ڏسندا هئا ته سندن اکين مان نير وهي هلندا هئا. پياري مصطفيٰ صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي حمايت ۾ گستاخن جو سختيءَ سان رد ڪندا هئا ته جيئن اهي ڪاوڙ ۾ اچي اعليٰ حضرت رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه کي برو چوڻ ۽ لکڻ شروع ڪن. اڪثر ان تي فخر ڪندا هئا ته الله تعاليٰ هن دؤر ۾ مون کي ناموسِ رسالت مآب صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم لاءِ ڍال بڻايو آهي. استعمال جو طريقو اهو آهي جو گستاخي جو سختيءَ ۽ تيز ڪلاميءَ سان رد ڪندو آهيان ته جيئن هو مون کي ٻُرو ڀلو چوڻ ۾ مشغول ٿي وڃن ۽ ان وقت تائين رحمتِ عالميان صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي شان ۾ گستاخيءَ کان بچيل رهندا. حدائق بخشش ۾ فرمائن ٿا.

ڪروں تيرے نام پہ جاں فدا نہ بس ايک جاں دوجہاں فدا
دوجہاں سے بھی نہيں جی بھرا ڪروں کيا ڪروڑوں جہاں نہيں

غريبن کي ڪڏهن خالي هٿين نہ موٽائيندا هئا. هميشہ غريبن جي مدد ڪندا هئا. بلڪ آخري وقت ٻہ عزيزن قريبن کي وصيّت ڪيائون ته غريبن جو خاص خيال رکجو. انهن جو آڌر ڀاءُ ڪندي سنا سنا ۽ لذيذ کاڌا پنهنجي گهران ڪارائيندا رهجو ۽ ڪنهن ٻہ غريب کي بلڪل ٻہ ڌڙڪو نہ ڏجو.

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہ تعالٰی علیہ واٰلہٖ وسلَّم : جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿئي ۽ اهو مون تي درود شريف نہ پڙهي تہ ان جفا ڪئي.

پاڻ رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيْه گهڻو ڪري تصنيف ۽ تاليف ۾ مصروف رهندا هئا، پنجن وقتن جي نماز لاءِ مسجد ۾ حاضر ٿيندا هئا، هميشہ نماز جماعت سان ادا ڪيائون، سندن خوراڪ تمام گهٽ هئي .

## ميلاد دوران ويهڻ جو انداز

منهنجا آقا اعليٰ حضرت امام احمد رضا خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّحْمٰن ميلاد شريف جي محفل ۾ ذڪرِ ولادت جي وقت صلواة و سلام پڙهڻ جي لاءِ بيهندا هئا باقي شروع کان آخر تائين ادب جي طور گوڏن پر ويهندا هئا، اهڙي طرح وعظ فرمائيندا هئا جو چار پنج ڪلاڪ مڪمل گوڏن پر منبر شريف تي ويهندا هئا. (ايضاً ص 119، حيات اعليٰ حضرت ج 1 ص 98) ڪاش! اسان اعليٰ حضرت جي غلامن کي بہ تلاوت قران ڪندي، يا ٻڌندي وقت، ۽ اجتماعِ ذڪر و نعت، سنتن ڀري اجتماع، مدني مذاڪرن، درس ۽ مدني حلقن وغيره ۾ ادب جي طور گوڏن پر ويهڻ جي سعادت ملي وڃي.

## سُمهڻ جو منفرد انداز

سُمهڻ مهل هٿ جي آڱوٺي کي شهادت واري آڱر تي رکندا هئا تہ جيئن آڱرين سان لفظ ”اللّٰه“ ٺهجي وڃي، پاڻ رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيْه پير ڊگها ڪري ڪڏهن نہ سُمهندا هئا بلڪ ساڄي پاسي ليٽي ڪري ٻنهي هٿن کي ملائي مٿي هيٺان رکندا هئا ۽ پير مبارڪ سوڙها ڪري ڇڏيندا هئا، اهڙيءَ طرح جسم سان لفظ ”مُحمّد“ ٺهجي ويندو هو. (حيات اعليٰ حضرت ج 1 ص 99 وغيره) هي آهن

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تعالٰی عليه واله وسلم : ان شخص جو نڪ مٽيءَ ۾ ملي وڃي جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿئي ۽ اهو مون تي درود شريف نه پڙهي.

اللهعَزَّوَجَلَّ جي چاهڻ وارن ۽ رسولِ پاڪصَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي سچن عاشقن جون ادائون.

نامِ خُدا ہے ہاتھ میں نامِ نبی ہے ذات میں
مہرِ غُلامی ہے پڑی، لکھے ہوئے ہیں نام دو

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## ريل بيٺل رهي!

جناب ايوب علي شاهه صاحب فرمائن ٿا ته منهنجا آقا اعليٰ حضرترَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه هڪ ڀيري پِيلي ڀِيت کان ريل ذريعي بريلي شريف وڃي رهيا هئا ته رستي ۾ نواب گنج جي اسٽيشن تي هڪ ٻن منٽن لاءِ ريل بيهندي هئي، مغرب جو وقت ٿي چڪو هو، پاڻرَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه ريل بيهندي ئي تڪبير اقامت چئي ريل جي اندر ئي نيت ٻڌي ورتي، غالباً پنج ماڻهن اقتدا ڪئي ان ۾ مان به هيس، پر اجا جماعت ۾ شريڪ نه ٿيو هئس جو منهنجي نظر غير مسلم گارڊ تي پئي جيڪو پليٽ فارم تي بيهي سبز جهنڊي هلائي رهيو هو، مون دري مان ورائي ڏٺو ته لائن ڪليئر آهي ۽ گاڏي هلڻ واري هئي پر نه هلي، ۽ اعليٰ حضرترَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه اطمينان سان بنا ڪنهن جلدي جي ٽئي فرض رڪعتون ادا ڪيون ۽ جنهن وقت ساڄي پاسي سلام ڦيريو ته گاڏي هلڻ لڳي، مُقتدين جي زبان مان سُبحٰن الله سُبحٰن الله نڪتو، ان ڪرامت ۾ قابل غور هي ڳالهه هئي جو جيڪڏهن

فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ تعالیٰ علیہ والہٖ وسلم : جنهن مون تي درود پڙهڻ وساري ڇڏيو اهو جنت جو رستو ڀلجي ويو.

جماعت پليٽ فارم تي ٿئي هئا ته ائين چئي سگهجي ٿو ته گارڊ هڪ بزرگ هستي کي ڏسي ڪري گاڏي روڪي هوندي، ائين بلڪل نه هيو بلڪ نماز گاڏي جي اندر پڙهي وئي، ان ٿوري وقت ۾ گارڊ کي ڪهڙي خبر ته ڪو الله عَزَّوَجَلَّ جو محبوب ٻانهو فرض نماز گاڏي ۾ ادا ڪري رهيو آهي. (ايضاً ج 3 ص 189، 190) الله عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب بخشش ٿئي.

اٰمين بِجَاهِ النَّبِیِّ الْاَمِین صَلَّی اللہُ تعَالٰی عَلَيْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

وہ کہ اُس کا در کا ہوا خلقِ خدا اُس کی ہوئی

وہ کہ اُس در سے پِھرا اللہ اُس سے پھر گیا

شرح ڪلامِ رضا: جيڪو سرڪار نامدار، مديني جي تاجدار صَلَّی اللہ تَعَالٰی عَلَيْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو مُطِيع ۽ فرمانبردار ٿيو ته پروردگار عَزَّوَجَلَّ جي مخلوق ان جي اطاعت گذار ٿي ۽ جيڪو دربارِ حضور پُر نور صَلَّی اللہ تَعَالٰی عَلَيْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کان پري ٿيو ته بارگاهِ ربِّ غفور عَزَّوَجَلَّ کان به پري ٿي ويو.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللہُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## تصانيف

منهنجا آقا اعليٰ حضرت رَحْمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَيْہ مختلف عنوانن تي تقريباً هڪ هزار ڪتاب لکيا آهن، هونئن ته پاڻ رَحْمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَيْہ 1286ھ کان 1340ھ تائين لکين فتوائون لکيائون، پر افسوس جو سيئي نقل نه ٿي سگهيون. جيڪي نقل ڪيو ويون انهن جو

فرمانِ مصطفيٰ صلى الله تعالیٰ عليه واله وسلم : جنهن مون تي هڪ ڀيرو درود پاڪ پڙهيو الله تعاليٰ ان تي ڏهه رحمتون موڪليندو آهي .

نالو ”اَلعَطايا النَّبوِيَّه فِي الفَتاوَي الرَّضوِيَّه“ رکيو ويو. فتاويٰ رضويه تخريج شده جا 30 جلد آهن. جن جا ڪل صفحات 21656، ڪل سوالات ۽ جوابات 6847، ۽ ڪل رسائل 206 آهن.

(فتاويٰ رضويه ج 30 ص 10 رضا فاؤنڊيشن مرڪز الاوليا لاهور)

قرآن، حديث، فقه، منطق ۽ ڪلام وغيره ۾ پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جي وُسعتِ نظري جو اندازو پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جي فتوائن جي مطالعي سان ئي تي سگهي ٿو. ڇوته سندن جي هر فتويٰ ۾ دليلن جو سمنڊ ڇوليون هڻي رهيو آهي، پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جي ڪجهه ٻين ڪتابن جا نالا هيٺ ڏجن ٿا.

{1} ”سُبحٰنَ السُّبُّوح عَن عيبِ كِذبٍ مَقبُوح“ سچي خدا تي ڪوڙ جي تهمت هڻڻ وارن جي رد ۾ هي رسالو تحرير فرمايائون، جنهن مخالفن جا وات بند ڪري ڇڏيا ۽ قلم ٻيهاري ڇڏيا. {2} مَقامِعُ الْحَدِيد {3} اَلْاَمْنُ وَالْعُلٰی {4} تَجَلِّی الْيقين {5} اَلكَوكَبَةُ الشَّهَابِية {6} سِلّ السُّيُوف الهِنديه {7} حياتُ الموات .

علم کا چشمہ ہُوا ہے موجزن تحریر میں
جب قلم تُو نے اُٹھایا اے امام احمد رضا

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## قرآن شريف جو ترجمو

منهنجا آقا اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه قرآن ڪريم جو ترجمو ڪيو جيڪو اُردو ۾ موجود سيني ترجمن تي فوقيت رکي ٿو، ترجمي جو نالو ”ڪنزُالايمان“ آهي جنهن تي پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جي

فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ تعالیٰ علیہ والہٖ وسلم : جنهن مون تي ڏهه ڀيرو درود پاڪ پڙهيو الله تعاليٰ ان تي سؤ رحمتون موڪليندو آهي .

خليفي صَدرُالاَفاضِل حضرت علامہ مولانا سيِّد محمد نعيمُ الدِّين مراد آبادي عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ اللهِ الهادي خزائنُ العِرفان ۽ مُفسّر شهير، حڪيمُ الاُمّت، حضرت مفتي احمد يار خان عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ الحنّان نورُ العِرفان جي نالي سان حاشيه لکيا آهن.

## وصال

اعليٰ حضرت رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه پنهنجي وفات کان 4 مهينا 22 ڏينهن پهريان پنهنجي وصال جي خبر ڏئي ڪري سيپاري 29 سُورَةُ الدَّهر جي آيت 15 مان وفات جو سال ڪڍيو هو، هن آيت سڳوري جا علمِ اَبجَد جي حساب سان 1340 عدد بڻجن ٿا ۽ اهو ئي هجري سال جي اعتبار سان سندن جي وفات جو سال آهي، اها آيت پاڪ هي آهي

وَيُطَافُ عَلَيۡهِمۡ بِاٰنِيَةٍ مِّنۡ فِضَّةٍ وَّاَكۡوَابٍ (پ 29 الدهر 15)

**ترجمو ڪنزالايمان:** ۽ انهن تي ڦِرندا چاندي جا ٿانوءَ ۽ لوٽا.

25 صَفرُالمُظَفَّر 1340 بمطابق 28 اڪتوبر 1921 جمعة المبارڪ جي ڏينهن هندوستان جي وقت مطابق 2 لڳي 38 منٽ (۽ پاڪستان جي وقت مطابق 2 لڳي 8 منٽ) تي عين جمعي جي أذان جي وقت اعليٰ حضرت، امام اهلسنت، وليءِ نعمت، عظيمُ البرڪت، عظيمُ المَرتبت، پروانهءِ شمع رِسالت، مُجدد دين و ملت، حاميءِ سنّت، ماحيءِ بِدعت، عالمِ شريعت، پيرِ طريقت، باعثِ خير و برڪت، حضرت علامه مولانا، الحاج، الحافظ، القاري، الشّاهِ امام احمد رضا خان عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ الرَّحۡمٰن جن داعيءِ اَجَل کي لَبّيڪ چيو، اِنَّا لِلّٰهِ وَ اِنَّاۤ اِلَيۡهِ رٰجِعُوۡنَ ۝ سندن جو مزار پُر اَنوار

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللہ تعالیٰ علیہ وآلہٖ وسلم: جنهن مون تي ڏينهن ۾ پنجاهہ ڀيرا درود پاڪ پڙهيو قيامت جي ڏينهن مان ان سان مصافحو ڪندس .

مدينةُ الـمُرشِد بريلي شريف ۾ اڄ بہ خاص ۽ عام لاءِ زيارت گاهہ آهي. اللہ عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب بخشش ٿئي. اٰمِين بِجاهِ النّبِيِّ الاَمِين صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

تُم کیا گئے کہ رونقِ محفِل چلی گئی
شِعر و ادب کی زُلف پریشاں ہے آج بھی

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## دربار رسالت ۾ انتظار

25 صَفرُالمُظَفَّر 1340ھ ۾ بيت المقدس ۾ هڪ شامي بزرگ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه خواب ۾ پنهنجو پاڻ کي دربار رسالت صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ۾ ڏٺو، صحابہ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان دربار ۾ حاضر هئا، پر مجلس ۾ خاموشي طاري هئي ۽ ائين معلوم ٿيو تہ ڪنهن اچڻ واري جو انتظار آهي، شامي بزرگ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه بارگاهِ رسالت صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ۾ عرض ڪيو: حضور! (صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) منهنجا ماءُ پيءُ اوهان تي قربان ٿين ڪنهن جو انتظار آهي؟ سيدِ عالم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: اسان کي احمد رضا جو انتظار آهي، شامي بزرگ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه عرض ڪيو: حضور! احمد رضا ڪير آهن؟ ارشاد ٿيو: هندوستان ۾ بريلي جا باشنده آهن، بيداري کان پوءِ اهي شامي بزرگ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه مولانا احمد رضا رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جي تلاش ۾ هندوستان جو سفر ڪيو ۽ جڏهن اهي بريلي شريف آيا تہ انهن کي خبر پئي تہ ان عاشق رسول جو

فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ تعالیٰ علیہ والہٖ وسلم: جيڪو مون تي هڪ ڀيرو درود پڙهندو آهي الله تعاليٰ ان جي لاءِ هڪ قيراط اجر لکندو آهي ۽ هڪ قيراط احد پهاڙ جيڏو آهي .

انهيءَ ڏينهن (يعني 25 صفر المظفر 1340هـ) تي وصال ٿي چڪو آهي، جنهن ڏينهن انهن خواب ۾ سرڪار عالي وقار صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کي هي چوندي ٻڌو آهي ته ”اسان کي احمد رضا جو انتظار آهي. (سوانح امام احمد رضا ص 391) الله عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب بخشش ٿئي . اٰمِین بِجَاہِ النَّبِیِّ الْاَمِین صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

یا الٰہی جب رضاؔ خوابِ گراں سے سر اُٹھائے
دولتِ بیدارِ عشقِ مصطفٰے کا ساتھ ہو

اٰمِین بِجَاہِ النَّبِیِّ الْاَمِین صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## هڪ چپ سؤ سک

سگِ غوث و رضا
محمد الیاس قادِری رضوی عُفِیَ عَنہ
چنچر ۲۵ صفر المظفَّر ١٣٩٣ھ
(بمطابق 31-3-1973)

## هي رسالو پڙهي ڪري ٻين کي ڏيو

شادي غمي جي تقريبن، اجتماعن، عرسن ۽ ميلاد جي جلوسن وغيره ۾ مڪتبة المدينه تان شايع ٿيل رسالا تقسيم ڪري ثواب ڪمايو گراهڪن کي ثواب جي نيّت سان تحفي ۾ ڏيڻ جي لاءِ پنهنجي دڪانن تي به رسالا رکڻ جو معمول بڻايو اخبار جي هاڪر يا ٻارن جي ذريعي پنهنجي پاڙي جي گهر گهر ۾ وقفي وقفي سان بدلائي بدلائي ڪري سنّتن ڀريا رسالا پهچائي نيڪيءَ جي دعوت جون ڌومون مچايو .

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللہ تعالٰی علیہ والہٖ وسلم: جنهن مون تي ڏھ ڀيرا صبح ۽ ڏھ ڀيرا شام درود پاڪ پڙهيو تہ ان کي قيامت جي ڏينهن منهنجي شفاعت ملندي.

# منهنجي زندگي جو پهريون رسالو

سگ مدينہ از محمد الياس قادري رضوي عفي عنہ

اَلحَمدلله عَزَّوَجَلَّ مون کي ننڍپڻ کان ئي اعليٰ حضرت امام احمد رضا خان عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ الرَّحۡمٰن کان محبت تي وئي هئي. ”امام احمد رضا جو تذڪرو بسلسلہ يومِ رضا“ منهنجي زندگي جو پهريون رسالو آهي، جيڪو مون 25 صفرالمظفر 1393 ھ (بمطابق 1973-3-31) کي ”يوم رضا“ جي موقعي تي جاري ڪيو هو، اَلحَمدلله عَزَّوَجَلَّ ان جا ڪئي ايڊيشن شايع ٿيا آهن، وقتاً فوقتاً هن ۾ ترميم ڪئي آهي، روضہءِ رسول جي ياد ڏيارڻ وارا دستخط بہ انهن ڏينهن ۾ نہ هئا پوءِ هي ذهن بڻيو، پر آخري صفحي تي بطور يادگار پراڻي تاريخ ئي رکي آهي، الله عَزَّوَجَلَّ منهنجي هن ڪاوش کي قبول فرمائي ۽ هن مختصر رسالي کي عاشقان رسول جي لاءِ نفعي بخش بڻائي، الله تبارڪ وتعاليٰ بطفيل اعليٰ حضرت منهنجي ۽ رسالي جي هر سني قاري جي بي حساب مغفرت فرمائي. اٰمِين بِجَاهِ النّبِيِّ الاَمِين صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم



طالبِ غمِ
مدينہ، بقيع ۾
مغفرت ۽ بي
حساب جنت
الفردوس ۾
آقا جو پاڙو
25محرم الحرام 1427ھ

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

